# اللّٰه وارن جون برڪتون

17 سيپٽمبر 2026ع

(متوقع اسلامي تاريخ: 5 ربيع الآخر 1448ھ)

تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي
هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان



17 سيپٽمبر 2026ع (متوقع اسلامي تاريخ: 5 ربيع الآخر 1448ھ)
تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# الله وارن جون برڪتون

(الله وارن جي شان ۽ انهن جي برڪتن جو خوبصورت بيان)

هن بيان ۾ توهان ڇاڻي سگهندؤ...

- ...اولياء جو وجود اسلام جي سچائيءَ جي دليل آهي
- ...ذڪر جون ڪُنجيون
- ...الله وارا نجات ڏياريندا
- ...قادري غوثِ اعظم جو ديدار ڪري ونو

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۙ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درود پاڪ جي فضيلت

رسولِ رحمت، شفيعِ اُمّت، صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهندو، مان ان جي شفاعت ڪندس. [1]

شافعِ روزِ جزا تم پہ کروڑوں درود — دافعِ جملہ بلا تم پہ کروڑوں درود

تم سے جہاں کا نظام، تم پہ کروڑوں سلام — تم پہ کڑوروں ثنا، تم پہ کروڑوں درود [2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. [3]

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اڇو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو

1...الترغيب فی فضائل الاعمال لابن شاہین،باب من الصلاۃ علی رسول اللہ، صفحہ:12، حدیث:12۔
2...حدائقِ بخشش، صفحہ:264-269 ملتقطاً۔
3...بخاری، کِتَاب بَدءِ الْوَحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

تہ! ۞ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ باآدَب ويهندس ۞ خوب توجهہ سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ذڪرالله جو عادي بڻائي ڇڏيائون

شيخ محمد بن محفوظ رحمۃُاللہِ علیہ جو بيان آهي: هڪ ڀيري ڪيترائي مشائخ سرڪارِ غوثِ پاڪ رحمۃُاللہِ علیہ جي خدمت ۾ حاضر هئا. حضور غوثِ پاڪ رحمۃُاللہِ علیہ فرمايو: پنهنجون پنهنجون حاجتون بيان ڪريو، جنهن کي جيڪا شيءِ گهرجي، سا ملندي.

موقعي کي غنيمت ڄاڻي، سڀني مشائخن پنهنجون پنهنجون حاجتون بيان ڪرڻ شروع ڪيون. ڪنهن عرض ڪيو: مان مجاهدي (يعني نيڪين ۾ خوب ڪوشش ڪرڻ) جي طاقت چاهيان ٿو. ڪنهن عرض ڪيو: مان خوفِ خدا جو طلبگار آهيان. ڪنهن عرض ڪيو: مان پنهنجي وقت کي محفوظ ڪرڻ (يعني ذِڪرُ الله ۾ مشغول رهڻ) چاهيان ٿو. ڪنهن عرض ڪيو: مان علم ۾ اضافو چاهيان ٿو. شيخ خليل رحمۃُاللہِ علیہ عرض ڪيو: مان قطب بڻجڻ چاهيان ٿو. شيخ ابو البرڪات رحمۃُاللہِ علیہ عرض ڪيو: مان الله پاڪ جي محبت ۾ خوب اضافو چاهيان ٿو. شيخ ابو الفتوح رحمۃُاللہِ علیہ عرض ڪيو: مان قرآن ڪريم جو ۽ حديثِ رسول جو حافظ بڻجڻ چاهيان ٿو.

اهڙي طرح سڀئي پنهنجون پنهنجون حاجتون بيان ڪندا ويا. جڏهن سڀئي عرض ڪري چڪا تہ سرڪارِ غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رحمۃُاللہِ علیہ

فرمايو: اسان سيني جي حاجتن تي سيني جي مدد ڪريون ٿا.

شيخ ابو الخير رحمۃُاللہِعلیہ فرمائن ٿا: الله پاڪ جو قسم! اُن مجلس ۾ جنهن جيڪو ڪجھ گهريو هو، ان کي اهو ئي مليو ◈ شيخ حضرمي رحمۃُاللہِعلیہ جن قرآن پاڪ حفظ تي وڃڻ جي تمنا ڪئي هئي، الله پاڪ انهن کي توفيق عطا فرمائي ۽ انهن 6 مهينن ۾ پورو قرآن ڪريم حفظ ڪري ورتو ◈ اهڙي طرح شيخ جميل رحمۃُاللہِعلیہ جن عرض ڪيو هو ته مان پنهنجي وقت کي محفوظ ڪرڻ (يعني هر وقت ذِڪرُ الله ۾ مشغول رهڻ) چاهيان ٿو، اُهي ان درجي تي پهتا جو هر وقت تسبيح ڪٽي ذِڪرُ الله ۾ مصروف رهندا هئا، ايسيتائين جو جڏهن قضاءِ حاجت لاءِ ويندا هئا ته تسبيح هڪ ڪِليءَ تي لٽڪائي ڇڏيندا هئا ۽ ان تسبيح جا داڻا پاڻمرادو هلندا رهندا هئا.[1]

در پہ جو تیرے آگیا بغداد والے مُرشد | مَن کی مُرادیں پا گیا بغداد والے مُرشد[2]

## اَولِياءِ جو وجود اسلام جي سچائيءَ جو دليل آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحمدُلِلّٰہ! امتِ مسلمه ۾ اولياءِ ڪرام اڳ به موجود هئا ۽ هاڻي به موجود آهن ۽ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! قيامت تائين موجود رهندا. پارو 10، سورة يونس، آيت نمبر 62 ۾ آهي:

اَلَآ اِنَّ اَوْلِیَآءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَیْهِمْ وَ لَا هُمْ یَحْزَنُوْنَ ﴿٦٢﴾

ترجمو ڪنز العرفان: ٻڌو بيشڪ الله جي ولين تي نه ڪجھ خوف هوندو ۽ نه

1... بَہْجَۃُ الْاَسْرار، ذکر فصول من کلامہ مرصعا، صفحہ:66-68 ملتقطاً خلاصۃً۔
2...وسائلِ بخشش، صفحہ:545۔

اهي غمگين ٿيندا. (پارو: 10، سورة يونس: 62)

هن آيتِ ڪريمہ مان هڪ تہ اِهو معلوم ٿيو تہ اولياءِ ڪرام وڏي شان وارا هوندا آهن، ان سان گڏوگڏ هي بہ معلوم ٿيو تہ اسلام ۾ اولياءِ ڪرام جو وجود موجود آهي. هي اسلام جي سچو دين هجڻ جي نشاني آهي. توهان ڏسو! هڪ وڻ آهي، جيسيتائين ان جون پاڙون زمين جي اندر مضبوطيءَ سان پيوَست هونديون آهن، تيسيتائين ان تي ميوو لڳندو رهندو آهي، جيڪڏهن ان جون پاڙون پٽجي وڃن تہ اهو وڻ سڪي ويندو آهي، ان تي ميوو نہ لڳندو آهي.

اهڙي طرح هڪ ٻيو مثال عرض ڪريان: توهان ڪڏهن ريلوي اسٽيشن (*Railway Station*) تي ڏٺو هوندو تہ ڪجھ ريل جي پٽڙين (*Rails*) کي اڳيان لوھ جي نوڪر لڳائي بند ڪيو ويندو آهي، ڪجھ پٽڙيون سڌيون ۽ صاف هونديون آهن، انهن جي مٿان ريل گذرندي آهي. جن پٽڙين کي بند ڪيو ويندو آهي، انهن تان ريل نہ گذرندي آهي، نہ ئي انهن پٽڙين جي ذريعي منزل تائين پهچي سگهجي ٿو، معلوم ٿيو تہ جنهن جون پاڙون مضبوط هونديون آهن، اُهو ئي وڻ ميوو ڏيندو آهي، جنهن پٽڙي کي بند نہ ڪيو ويو هجي، ان تي هلڻ سان ئي ماڻهو منزل تي پهچندو آهي. توهان ڏسو! حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جا امتي جيسيتائين صحيح رستي جا مسافر رهيا، تيسيتائين انهن ۾ وڏا وڏا اولياءِ ڪرام پيدا ٿيندا رهيا، اصحابِ ڪهف بہ انهن مان ئي آهنؤ

◈ اهڙي طرح حضرت موسيٰ عليہ السّلام جو ڪلمو پڙهڻ وارا بہ جيسيتائين سڌي رستي تي رهيا، انهن ۾ بہ اولياءَ الله پيدا ٿيندا رهيا، پر هاڻي نہ عيسائين مان ڪو ولايت جي درجي تي پهچندو آهي ۽ نہ ئي يهودين ۾ ڪو ولي پيدا ٿيندو آهي، نہ ئي بدمذهبن ۾ ڪو ولي نظر ايندو آهي. هاڻي سڄي دنيا ۾ صرف ۽

صرف مسلمان ۽ اهي بہ جيڪي عاشقِ رسول آهن، اهي ئي ولايت جي درجي تائين پهچن ٿا، ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ الله پاڪ تائين پهچڻ جا ٻيا سمورا رستا بند ٿي چڪا آهن، صرف ۽ صرف حبيبِ خدا، محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي پيروي ئي اهو واحد رستو آهي، جنهن ذريعي الله پاڪ جو قرب حاصل ٿي سگهي ٿو.

تنهنڪري اولياءِ ڪرام جو وجود اسان کي اِهو ٻڌائي ٿو تہ اسلام واقعي سچو دين آهي، جو ان جي تعليمات تي ماڻهو عمل ڪندا آهن ۽ الله پاڪ انهن کي پنهنجي فضل سان ولايت جي بلند درجن تائين پهچي رهيو آهي.

## اَولِياءِ ڪِرام جون برڪتون

پيارا اسلامي ڀائرو! اولياءِ ڪرام جون تمام گهڻيون برڪتون آهن. انهن جو دنيا ۾ موجود هجڻ دنيا ۽ آخرت جي ڪيترين ئي برڪتن جو سبب آهي. مشهور مفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: ◈ هن دنيا ۾ ڪجهہ شيون اهڙيون آهن، جيڪي فيض وٺنديون آهن ۽ ڪجهہ اهڙيون آهن جيڪي فيض ڏينديون آهن، مثال طور: سج، هَوا، برسات، اِهي سڀ فيض لٽائڻ واريون شيون آهن، زمين، ٻَنِي ۽ ساوڪ وغيره فيض وٺڻ واريون شيون آهن. اهڙي طرح عالمِ روحاني ۾ بہ ڪجهہ هستيون فيض ڏيڻ واريون آهن ۽ ڪجهہ ماڻهو فيض وٺڻ وارا آهن. اسان عام ماڻهو فيض وٺڻ وارا آهيون ۽ اولياءِ ڪرام فيض ڏيڻ وارا آهن. تنهنڪري جهڙي طرح دنيا کي مِينهَن ۽ اُس جي ضرورت آهي، اهڙي طرح هن ڪائنات کي بہ اولياءِ ڪرام جي وجود جي ضرورت آهي ◈ وڌيڪ لکن ٿا: ايمان جي باري ۾ معلومات علماءِ ڪرام ڏيندا آهن، پر ان ايمان تي استقامت ۽ ايمان جي حفاظت اولياءِ ڪرام جي

دروازي تان ئي ملندي آهي ◈ جهڙي طرح لوهه کي زنگ لڳي ويندو آهي، تهڙي طرح دل تي بہ غفلت ۽ گناهن جي مَرُ چڙهي ويندي آهي. جيئن لوهه جو زنگ لاهڻ لاءِ مختلف قسم جا اوزار استعمال ڪيا ويندا آهن، تهڙي طرح اولياءِ ڪرام اُهي آهن، جيڪي اسان جي دلين تان زنگ لاهيندا آهن، دل کي نورِ الٰهي سان چمڪائيندا آهن ۽ الله پاڪ جي قرب جو حقدار بڻائيندا آهن.[1]

جو ہو اللہ کا ولی اُس کا | فیض دنیا میں عام ہوتا ہے(2)

## (1): وَلي دلين کي زندهہ ڪندا آهن

سيپارو: **29**، سورة مُرسلات جي آيت نمبر **5** ۾ ارشاد ٿيو آهي:

فَالْمُلْقِيٰتِ ذِكْرًا ۝

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ ذڪر جي القاءِ ڪرڻ وارين جو. (پارو: 29، سورة مُرسلات: 5)

هڪ قول جي مطابق هن آيتِ ڪريمہ ۾ اولياءِ ڪرام جي وصف بيان ڪئي وئي آهي.[3] مطلب هي آهي تہ اولياءِ ڪرام ماڻهن جي دلين ۾ ذِڪر داخل ڪري ڇڏيندا آهن، يعني اولياءِ ڪرام جي صحبت ۾ ويهڻ سان، انهن جي نگاهِ ڪرم سان، انهن جي توجهہ فرمائڻ سان دل ۾ ايمان جو نورُ وڌي ويندو آهي، ايمان جي حلاوت نصيب ٿيندي آهي، عبادت ۾ دل لڳي ويندي آهي، دل تان گناهن جي مَرُ ڌوپجي ويندي آهي، دل ذِڪر ۽ فڪر ۾ مشغول ٿي الله پاڪ جي ياد سان آباد ٿي ويندي آهي.

1... شان حبیب الرحمٰن، صفحہ:292-294 ملتقطاً مفصلاً۔
2...وسائلِ بخشش، صفحہ:441۔
3...حاشیہ شہاب علی تفسیر البیضاوی، پارہ:29، سورۂ مرسلات، زیرِ آیت:5، جلد:8، صفحہ:296 خلاصۃً۔

# ذِڪر جون ڪُنجيون

صحابيءِ رسول حضرت عبدُ اللّٰہ بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا:

اِنَّ مِنَ النَّاسِ مَفَاتِيحَ ذِكْرِ اللهِ

**ترجمو:** بيشڪ ڪجھ ماڻھو ذِڪرُ اللّٰہ جون ڪُنجيون ھوندا آھن.[1]

ذِڪرُ اللّٰہ کو آسان ڪم تہ نہ آھي، ھي سيني کان افضل عبادت آھي ۽ اِھا عبادت ڪرڻ ڪا آسان ڳالھ نہ آھي. اسان پنھنجو پاڻ تي غور ڪريون تہ روزانو ڪيترو ذِڪر ڪندا آھيون؟ نماز کان پوءِ تسبيحِ فاطمہ پڙھڻ جي فضيلت آھي، حديثن ۾ ان تي جنت جي خوشخبري ٻڌائي وئي آھي، ڪجھ منٽن جو ڪم آھي، پر معاشري تي غور ڪري ڏسو! ڪيترا ماڻھو آھن جيڪي ھر نماز کان پوءِ تسبيحِ فاطمہ پڙھندا آھن؟ جيڪڏھن مردم شماري ڪرائي وڃي تہ شايد ھڪ کان 2 سيڪڙو ماڻھو ئي ھيءَ نيڪي ڪندا ھوندا. پائرو! ھي مشڪل ڪم آھي، ھر ڪنھن کي ذِڪرُ اللّٰہ جي توفيق نہ ملندي آھي. شيطان اسان جي دل ۽ دماغ تي غفلت جا تالا لڳائي ڇڏيندو آھي، نفس سستي ڏياريندو آھي. انھن غفلت جي تالَن کي کولڻ لاءِ چاٻين جي ضرورت ھوندي آھي. **حضرت عبدُ اللّٰہ بن مسعود** رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ **فرمائن ٿا:** ڪجھ ماڻھو اھڙا آھن، جيڪي ذِڪرُ اللّٰہ جون چاٻيون ھوندا آھن. اُھي ھنن غفلت جي تالن کي ڪيئن کوليندا آھن؟ سالن جا سال پنھنجي صحبت ۾ ويھاري؟ نہ. مجاھدا ڪرائي؟ نہ نہ. وڏيون وڏيون رياضتون ڪرائي؟ بلڪل بہ نہ. اھي ماڻھو چاٻيون تہ آھن، پر اُھي تالا ڪيئن کوليندا آھن؟ حضرت عبدُ اللّٰہ بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمايو:

---

1...موسوعة ابن ابی الدنيا، کتاب الاولياء، جلد:2، صفحہ:393، رقم:26۔

اِذَا رُؤُوا ذُكِرَ اللّٰهُ

**ترجمو:** انهن کي ڏسڻ سان ئي ماڻهو ذِڪرُ الله ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا آهن. (1)

هي الله وارن جو ڪمال آهي، اُهي اهڙي ئي شان وارا هوندا آهن، سندن چهرا ئي اهڙا نوراني هوندا آهن جو انهن کي ڏسڻ سان ئي زبانن تي الله پاڪ جو ذِڪر جاري ٿي ويندو آهي.

## ماڻهو ذِڪرالله ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيندا هئا

تمام وڏا امام ٿي گذريا آهن: امام محمد بن سيرين رحمۃُاللّٰہِعلیہ. خوابن جي تعبير ۾ ڪمال مهارت رکندا هئا. **ڪتابن ۾ لکيل آهي:** پاڻ جڏهن بازار ۾ تشريف وٺي ويندا هئا ته ماڻهو کين ڏسندي ئي اللّٰہُ اکبر، اللّٰہُ اکبر چوندا ذِڪرُ الله ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا هئا. (2)

## هِنداڻي جي برڪت سان زندگي بدلجي وئي

**عُيُونُ الْحِكَايات:** امام ابنِ جوزين رحمۃُ اللّٰہِ علیہ جو ڪتاب آهي، عربيءَ ۾ آهي، **مڪتبة المدينه** ان جو اردو ترجمو شايع ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ لکيل آهي: بغداد شريف ۾ 10 نوجوان هئا، جيڪي پاڻ ۾ دوست هئا ۽ اهي 10 ئي غفلت ۾ زندگي گذاري رهيا هئا.

جيئن اسان وٽ ڪجهه نوجوانن جو انداز هوندو آهي، پاڻ ۾ دوستن جو

1...موسوعة ابن ابی الدنیا، کتاب الاولیاء، جلد:2، صفحه:393، رقم:26۔

2... موسوعة ابن ابی الدنیا، کتاب الاولیاء، جلد:2، صفحه:395، رقم:31 بتغیرقلیل۔

حلقو (*Friend Circle*) نهيل هوندو آهي، بس عيش، عشرت ۽ تفريح وغيره ۾ زندگي گذاري رهيا هوندا آهن ◈ ڪڏهن گهمڻ ڦرڻ لاءِ نڪري ويا ◈ ڪڏهن ڪائڻ پيئڻ جي لاءِ هليا ويا ◈ گهٽين ۾ ويهي گپ شپ لڳايائون ◈ هوٽلنگ (*Hoteling*) جو شوق جاڳيو ته ان ۾ وقت برباد ڪندا رهيا ◈ موٽر سائيڪلن تي نڪري آواره گهمندا رهيا، اِئين اسان جي معاشري ۾ ڪجهه نوجوان ڪندا آهن. هي جيڪي **10** دوست هئا انهن جو به ڪجهه اهڙو ئي حال هو. بس غفلت ۽ فضوليات ۾ زندگي گذاري رهيا هئا.

هڪ ڏينهن ائين ٿيو جو هِي سيئي گڏجي وينا هئا ۽ انهن پنهنجي هڪ دوست کي بازار مان ڪجهه خريد ڪرڻ لاءِ موڪليو. سندن اهو دوست بازار ڏانهن ويو ۽ باقي **9** ڄڻا پوئتي انتظار ڪري رهيا هئا. هُو انتظار ڪندا رهيا، ڪندا رهيا، ته اِجهو ٿو اچي، اِجهو ٿو اچي، پر سندن دوست واپس نه آيو ۽ ڪافي دير ڪري ڇڏيائين. آخر گهڻي دير ڪان پوءِ جڏهن اهو دوست واپس آيو ته ان جي هٿ ۾ ٻيو ڪجهه نه، پر فقط هڪ هنداڻو هو. جڏهن هُو واپس آيو ته بقايا **9** دوست، جيڪي اڳ ۾ ئي ڪاوڙيا وينا هئا، مٿس ڏمرجي پيا ته هيءَ ڪهڙي حرڪت آهي؟ هڪ ته هيڏي دير ڪري آيو آهين، مٿان وري ڪلين به رهيو آهين ۽ آندو ڇا اٿئي ...؟ هي هڪ هنداڻو ...؟ هن کي اسان ڇا ڪنداسين؟

اهو نوجوان سندن ڳالهيون ٻڌندو رهيو، پوءِ اطمينان سان چيائين: يائرو! هي ڪو عام هنداڻو نه آهي، مان بازار ۾ هئس، مون ڏٺو ته وقت جا تمام وڏا وليُ الله حضرت بشر حافي رحمۃُاللہِعلیہ به بازار ۾ موجود آهن، هنن پنهنجو هٿ مبارڪ هن هنداڻي تي رکيو هو، بس مان سندن هٿ جون برڪتون حاصل ڪرڻ لاءِ **20** دينار (يعني سون جا سڪا) ڏئي هي هنداڻو خريد ڪري ورتو.

مَاشَآءَالله! پهريان تہ اُن نوجوان جي اولياءِ ڪرام سان عقيدت ڏسو، ڪيڏي نہ ڪمال جي هئي ...!! ۽ باقي جيڪي 9 نوجوان هئا، سي بہ الله وارن سان وڏي عقيدت رکڻ وارا هئا. جيئن ئي انهن حضرت بشر حافي رحمۃُاللہِعلیہ جو پاڪ نالو ٻڌو تہ سيني وڏي عقيدت ۽ محبت سان ان هنداڻي کي چمڻ ۽ اکين سان لڳائڻ شروع ڪري ڇڏيو.

سُبْحٰنَالله! الله وارن سان عقيدت ڏسو، ڪيڏي نہ ڪمال جي آهي. عرض ڪري ڇڏيان تہ هي ٽين صدي هجريءَ جو واقعو آهي. ان مبارڪ زماني ۾ جڏهن غفلت ۾ ٻڏل نوجوان الله وارن سان اهڙي عقيدت رکندا هئا تہ سوچيو! نيڪ ماڻهن جو حال ڇا هوندو...؟

خير! انهن نوجوانن ان هنداڻي کي وڏي عقيدت سان چُميو، پنهنجين اکين سان لڳايو. بس الله واري جي هٿ لڳائڻ واري جاءِ جو احترام ڪرڻ جي دير هئي، انهن سيني جي دل جي دنيا ئي بدلجي وئي. ان ئي وقت انهن سيني پنهنجن گذريل گناهن کان توبهہ ڪئي ۽ ڏينهن رات عبادت ۾ مشغول ٿي ويا. (1)

سُبْحٰنَالله! هي آهن الله وارا. انهن جو پنهنجو تہ شان ڇا هوندو، پر سندن مبارڪ هٿ جتي لڳي وڃي، ان جاءِ کي ڏسڻ ۽ ان جو احترام ڪرڻ سان بہ دلين ۾ ذِڪرُ الله جي محبت پيدا ٿي وڃي ٿي. معلوم ٿيو تہ الله وارا ذِڪرُ الله جون چاٻيون آهن، انهن جي برڪت سان غفلت جا تالا ڪلندا آهن ۽ دليون نيڪين ڏانهن مائل ٿي ويندي‌ون آهن.

---

1...عيون الحڪايات، الحڪاية الخامسة والخمسون بعد الثلاثمائة، صفحہ:340 مفصلاً۔

# غير مسلم، مسلمان ٿي ويو

حضرت ابراهيم خواص رحمۃُاللہِعلیہ تمام وڏا وليُ الله ٿي گذريا آهن. هڪ ڀيري پاڻ سفر ۾ هئا، جهنگلن ۽ بيابانن مان گذري رهيا هئا ته هڪ غير مسلم سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ کين چوڻ لڳو: مان توهان جي صحبت ۾ رهڻ چاهيان ٿو. پاڻ کيس اجازت ڏنائون ۽ فرمايائون: مون وٽ کائڻ پيئڻ جو انتظام نه آهي، الله پاڪ ڏيندو آهي ته کائيندو آهيان، نه ته بکيو رهندو آهيان، تنهنڪري مون سان گڏ رهڻو اٿئي ته اهڙي طرح ئي رهڻو پوندئي. اهو شخص راضي ٿي ويو.

7 ڏينهن تائين پاڻ سفر فرمائيندا رهيا، ست ئي ڏينهن بک تي رهيا، ستين ڏينهن ان غير مسلم جي برداشت ختم ٿي وئي، بک ۽ اڃ سبب بيحال ٿي ويو. چوڻ لڳو: اي ابراهيم خواص! توهان جي ولايت جا چرچا آهن، ڪجهه ڪريو! هاڻي وڌيڪ بک برداشت کان ٻاهر آهي. سندس اِها ڳالهه ٻڌي پاڻ سِرُ سجدي ۾ رکيائون، رب ڪريم جي بارگاهه ۾ دعا ڪيائون، جيئن ئي مٿو مٿي کنيائون ته هڪ ٿال سندن پرسان رکيل هو، ان ۾ 2 مانيون ۽ 2 پيالا پاڻي جا هئا. انهن پاڻ به کاڌو ۽ اُن غير مسلم کي به کارايائون ۽ پوءِ اڳتي روانا ٿي ويا.

7 ڏينهن ٻيا به گذري ويا. بک وري به کين بيحال ڪري ڇڏيو، هن ڀيري ان غير مسلم پنهنجو سِرُ سجدي ۾ رکيو. جڏهن مٿو مٿي کنيائين ته 2 مانيون ۽ 2 پيالا پاڻي جي بدران 4 مانيون ۽ 4 پيالا پاڻي جا موجود هئا. جن کي ڏسي اُهو غير مسلم چوڻ لڳو: اي ابراهيم! توهان جي لاءِ 2 خوشخبريون آهن. هڪ اِها ته مون کي ڪلمو پڙهائي مسلمان ڪري ڇڏيو! ٻي اِها ته الله پاڪ جي بارگاهه ۾ توهان جو تمام وڏو بلند مقام آهي. ان جو راز هي آهي ته مون سِرُ سجدي ۾ رکي الله پاڪ جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو: يا الله پاڪ! جيڪڏهن

دينِ اسلام واقعي سچو دين آهي تہ 2 پيالا پاڻي ۽ 2 مانيون عطا فرماءِ ۽ جيڪڏهن ابراهيم خواص واقعي بلند رتبي وارا ولي آهن تہ ايترو ئي وڌيڪ عطا فرماءِ. پوءِ هڪ ٿال لٿو، جنهن ۾ 4 پيالا ۽ 4 مانيون هيون، **ان مان مون جاڻي ورتو تہ اسلام سچو دين آهي ۽ توهان واقعي الله پاڪ جا سچا ولي آهيو.** (1)

## بداخلاق ڇوڪري توبهہ ڪري ڇڏي

حضرت ابُو حَسن قوّاس رحمۃُاللہِعلیہ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان ۽ مون سان گڏ تمام گهڻا ماڻهو حضور غوثِ پاڪ رحمۃُاللہِعلیہ جي زيارت لاءِ روانا ٿياسين. اسان سڀ پنهنجين پنهنجين مشڪلاتن ۽ پريشانين جي حل لاءِ دعا ڪرائڻ جو ارادو ڪري هليا هئاسين. رستي ۾ ٻيا ماڻهو بہ اسان سان گڏ شامل ٿي ويا. انهن ۾ هڪ ڇوڪرو بہ هو، جنهن کي مان سڃاڻيندو هئس. اهو تمام بُري اخلاق وارو هو. خير! اسان سڀ بارگاهِ غوثيت ڏانهن وڃي رهيا هئاسين تہ اتفاق سان حضور غوثِ پاڪ رحمۃُاللہِعلیہ سان رستي ۾ ئي ملاقات ٿي وئي. اسان سيني اڳتي وڌي ڪين سلام ڪيو ۽ هڪ هڪ ڪري سندن مبارڪ هٿن کي چمڻ لڳاسين. اهو ڇوڪرو، جنهن جا اخلاق سٺا نہ هئا، جڏهن حضور غوثِ پاڪ رحمۃُاللہِعلیہ جي هٿن کي چمڻ لاءِ اڳتي وڌيو تہ حضور غوثِ پاڪ رحمۃُاللہِعلیہ پنهنجن مبارڪ هٿن کي پوئتي هٽائي ورتو. پوءِ هڪ نگاهہ ان ڇوڪري تي وِڌائون، سرڪارِ غوثِ پاڪ رحمۃُاللہِعلیہ جي مبارڪ نگاهہ جي تاب نہ سهندي اهو ڇوڪرو بيهوش ٿي ڪري پيو. جڏهن ڪيس هوش آيو تہ هن فوراً پنهنجي بد اخلاقيءَ کان توبهہ ڪئي، پوءِ غوثِ پاڪ رحمۃُاللہِعلیہ ساڻس هٿ ملايو. (2)

سُبْحٰنَ الله! اِهي آهن الله وارن جون برڪتون...! هِي نوراني ماڻهو هوندا آهن،

---

1...کشف المحجوب، الکلام فی الفرق بین المعجزه والکرامت، صفحه:271 بتغیر۔
2...قلائد الجواہر، صفحه:32 ملتقطاً بتصرف۔

جتان جتان گذرندا ويندا آهن، اُتي نورِ ايمان ۽ نورِ هدايت ورهائيندا ويندا آهن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2) عذاب کان نجات ملندي آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! الله وارن جي برڪتن مان هي به آهي ته انهن جي برڪت سان عذاب ٽري ويندا آهن ۽ گنهگار ٻانها الله پاڪ جي رحمت جا حقدار بڻجي ويندا آهن. حضرت ڪعبُ الاحبار رحمۃ اللہ علیہ ، جيڪي تابعي بزرگ آهن، پاڻ توريت شريف ۽ قرآن ڪريم ٻنهي آسماني ڪتابن جا عالم هئا. فرمائن ٿا: حضرت نوح علیہ السّلام کان وٺي اڄ تائين هر امت ۾ اهڙا 14 فرد موجود رهيا آهن. زمين ڪڏهن به اهڙن 14 فردن کان خالي نه رهي آهي، جن جي برڪت سان عذاب ٽري ويندا آهن.[(1)]

## 100 ماڻهن جو قاتل بخشيو ويو

توهان هيءَ حديث پاڪ ته ڪيترائي ڀيرا ٻڌي هوندي. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم گذريل اُمتُن جو هڪ واقعو ٻڌايو، فرمايائون: هڪ شخص هو، جنهن 99 قتل ڪيا هئا.

اللّٰهُ اکبر! سوچيو! اُهو ڪيڏو نه گنهگار شخص هوندو، الله پاڪ فرمائي ٿو

فَكَاَنَّمَاۤ اَحْيَا النَّاسَ جَمِيْعًا ؕ

ترجمو ڪنزالعرفان: ڄڻ ان سڀني انسانن کي قتل ڪري ڇڏيو (پارو: 6، سورة مائده: 32)

1...موسوعة ابن ابی الدنیا، کتاب الاولیاء، جلد:2، صفحه:404، رقم:61 بتغير ـ

جڏهن هڪ قتل سموري انسان ذات جو قتل آهي ته پوءِ سوچيو! 99 ماڻهن کي قتل ڪرڻ ڪيڏو وڏو گناهه هوندو.

خير! 99 قتل ڪرڻ کان پوءِ ان کي هوش آيو، ارادو ڪيائين ته هاڻي مان توبهه ڪري وٺان. تنهنڪري مسئلو پڇڻ لاءِ ڪنهن وٽ ويو ۽ پڇيائين: مون 99 قتل ڪيا آهن، ڇا منهنجي توبهه قبول ٿيندي؟ اُهو شخص جنهن کان مسئلو پڇي رهيو هو، اُهو پاڻ به ڪو عالم نه هو. تنهنڪري هن 99 قتل ٻڌندي ئي پنهنجن ڪنن تي هٿ رکيا ۽ چوڻ لڳو توبهه توبهه! ايڏو وڏو گناهه ...!! هن جي توبهه هرگز قبول نه ٿي ٿي سگهي.

99 قتل ڪري هُو اڳ ئي بي ڊپو ٿي چڪو هو، هن سوچيو ته توبهه ته قبول ٿيڻي نه آهي، ڇو نه هن کي به ماري ڇڏيان ٿو. تنهنڪري هن غلط مسئلو ٻڌائڻ واري کي به قتل ڪري ڇڏيو. هاڻي 100 قتل پورا ٿي ويا.

پر سندس دل بيچين هئي. وري کيس خيال آيو ته پلا ڪنهن ٻئي کان مسئلو پڇان. هاڻي هي واقعي ڪنهن عالمِ دين جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، کانئس پڇيائين: مون 100 قتل ڪيا آهن، ڇا منهنجي لاءِ توبهه آهي؟ عالم کيس جواب ڏنو: ها! بلڪل توبهه آهي، الله پاڪ جي رحمت تمام وڏي آهي. تون توبهه ڪر، الله پاڪ قبول فرمائيندو. جيئن ته سندس گناهه تمام وڏو هو، تنهنڪري ان عالمِ دين توبهه ڪرڻ ۽ گناهه مٽائڻ جو نسخو ٻڌائيندي کيس چيو: فلاڻي ڳوٺ ۾ الله پاڪ جا نيڪ ٻانها رهندا آهن، تون اتي هليو وڃ! انهن جي قرب ۾ وجي توبهه ڪندين ته الله پاڪ جي رحمت جو حقدار ٿي ويندين.

تنهنڪري اهو شخص توبهه جي ارادي سان ان ڳوٺ ڏانهن روانو ٿي ويو. هاڻي روايت کي ٿورو غور سان ٻڌجو. اُن 100 ماڻهن جي قاتل جي دل ۾

توبھ جي سچي تڙپ هئي، تہ منهنجي توبھ قبول ٿي وڃي، ان مقصد لاءِ هُو الله وارن ڏانهن وڃي رهيو هو. روايت ۾ آهي تہ اجا هُو گهر کان نڪتو ئي هو، ٿورو ئي فاصلو طئي ڪيو هئائين تہ سندس آخري وقت اچي ويو. حضرت عزرائيل عليه السّلام تشريف ڪٺي آيا ۽ ان جو روح قبض ڪري ورتائون. روايت ۾ آهي تہ سندس دل ۾ شوق ايترو هو جو مرڻ وقت بہ پاڻ کي گِهلي گِهلي الله وارن جي وَسَنديءَ ڏانهن ڌِڪي رهيو هو. آخرڪار زندگيءَ کيس مهلت نہ ڏني ۽ هو موت جي وَر چڙهي ويو.

هاڻي عذاب جا فرشتا بہ اچي ويا ۽ رحمت جا فرشتا بہ اچي ويا. عذاب جا فرشتا چئي رهيا هئا: هي **100** ماڻهن جو قاتل آهي، اسان هن کي جهنم ۾ وٺي وينداسين. رحمت جا فرشتا چوڻ لڳا: توبھ جي ارادي سان نڪتو هو، تنهنڪري اسان هن کي پاڻ سان گڏ وٺي ويندا سين. الله پاڪ انهن جي وچ ۾ فيصلو فرمائڻ لاءِ هڪ ٻيو فرشتو موڪليو ۽ فرمايو: جتان هي هليو هو ۽ جيسيتائين پهتو آهي، ان فاصلي کي ماپيو ۽ ساڳي طرح جنهن ڳوٺ ڏانهن وڃي رهيو هو، ان جو فاصلو بہ ماپيو. جيڪڏهن ڳوٺ جي ويجهو آهي تہ رحمت جو حقدار آهي ۽ جيڪڏهن ڳوٺ کان پري آهي ۽ پنهنجي گهر جي ويجهو آهي تہ عذاب جو حقدار آهي. تنهنڪري ان زمين کي ماپيو ويو. روايت ۾ آهي تہ هُن اجان ٿورو ئي فاصلو طئي ڪيو هو، قاعدي جي مطابق هُو عذاب جو حقدار بڻجي رهيو هو، پر جيئن تہ سندس ارادو الله وارن ڏانهن وڃڻ جو هو، تنهنڪري الله پاڪ اُن وَسنديءَ جي پاسي واري زمين کي حڪم ڏنو: تون سُڪڙجي وڃ. اها سُڪڙجي وئي ۽ سندس گهر جي پاسي واري زمين کي حڪم ڏنو تہ تون پکڙجي وڃ، اها پکڙجي وئي. جڏهن زمين کي ماپيو ويو تہ هُو الله وارن جي وَسنديءَ واري پاسي جي وڌيڪ ويجهو هو تنهنڪري رحمت

جا فرشتا ڪيس پاڻ سان گڏ وٺي ويا. (1)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهن الله وارن جون برڪتون...!! انهن جي زيارت ڪرڻ جا ڪهڙا ڪهڙا فائدا آهن، انهن جو ذِڪر ڪرڻ جا ڪهڙا ڪهڙا فائدا آهن، انهن جي صحبت ۾ ويهڻ جا ڪهڙا ڪهڙا فائدا آهن، اهي ته گهڻو پري جون ڳالهيون آهن. جنهن الله وارن کي ڏٺو به نه هجي، صرف انهن جي محبت ۾ انهن ڏانهن هلڻ شروع ڪري ڇڏي، اهو پلي ڪيڏو به وڏو گنهگار ڇو نه هجي، رحمت ۽ بخشش جو حقدار بڻجي ويندو آهي، ته پوءِ سوچيو! جيڪو ڏينهن رات الله وارن کي ياد ڪندو هجي، سندن زيارت ڪندو هجي، انهن جي صحبت ۾ ويهندو هجي، ان جي شان ۽ عظمت جو عالَم ڇا هوندو....!!

## (3) انهن جي صدقي برسات وَسندي آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! الله وارن جون وڏيڪ ڪهڙيون ڪهڙيون برڪتون آهن؟ مان ڪجهه احاديثِ ڪريمه کي گڏ ڪري انهن جو خلاصو عرض ڪري رهيو آهيان: پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلَّى اللهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم فرمايو: ◈ اَبدال شام ۾ آهن. (2)◈ اَوتاد ڪُوفي ۾ آهن ◈ نُجَباء مصر ۾ آهن ◈ اَخيار زمين ۾ سير ڪندا رهندا آهن ◈ قطب زمين جي چئني ڪنارن تي رهندا آهن. (3)

هِي سڀ اولياءِ ڪرام جا مختلف درجا آهن. ڪجهه اولياءَ ابدال جي درجي تي هوندا آهن، ڪجهه اوتاد جي درجي تي هوندا آهن، ڪي نجيب هوندا آهن ۽ ڪي قطب هوندا آهن. هي سڀ ولايت جا مختلف درجا آهن.

---

1...بخاری، کتاب احادیث الانبیاء، صفحہ:891، حدیث:3470 مفصلًا۔
2...مسند امام احمد ، مسند العشرة المبشرين بالجنة، مسند على بن ابی طالب، جلد:1، صفحہ:320، حدیث:908۔
3...مجموعۃ رسائل ابن عابدین، اجابۃ الغوث، جلد:2، صفحہ:392 ملتقطاً۔

پياري محبوب صلَّی اللّٰہ علیہِ وَآلِہٖ وَسلَّم انهن اولياءِ ڪرام جي باري ۾ فرمايو:

يُسْقٰى بِهِمُ الْغَيْثُ وَيُنْتَصَرُ بِهِمْ عَلَى الْاَعْدَاءِ

**ترجمو:** اِنهن جي ئي برڪت سان برسات وَسندي آهي، انهن جي ئي برڪت سان دشمن جي خلاف مدد ڪئي ويندي آهي. (1)

هڪ ٻي روايت ۾ فرمايائون:

فَبِهِمْ يُحْيِي وَيُمِيتُ، وَيُمْطِرُ وَيُنْبِتُ، وَيَدْفَعُ الْبَلَاءَ

**ترجمو:** انهن جي ئي برڪت سان الله پاڪ زندگي ۽ موت عطا فرمائيندو آهي، انهن جي ئي برڪت سان ساوڪ اُپائيندو آهي، انهن جي ئي برڪت سان آفتون ۽ بلائون دور ڪندو آهي. (2)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهن الله وارن جون برڪتون...!! پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم ڪيترن صاف ۽ واضح لفظن ۾ ٻڌائي ڇڏيو ته دنيا ۾ برسات وَسندي آهي، زمين سرسبز ۽ شاداب ٿيندي آهي، آفتون ٽرنديون آهن، دشمن جي خلاف غيب مان مدد فراهم ڪئي ويندي آهي، اِهو سڀ ڪجهه ابدال، اوتاد ۽ ٻين اولياءِ ڪرام جي برڪت سان آهي.

واقعي غور ڪريون ته ڳالهه سچي ئي آهي. جيڪڏهن اسان پنهنجن عَملن تي غور ڪريون ته خبر پوندي ته اسان ڇهڙا آهيون، اسان کي ته پاڻيءَ جو هڪ قطرو به عطا نه ڪيو وڃي ها. اسان جا اعمال ته اهڙا آهن جو آسمان کان برسات بدران پٿر وسن ها، پر هيءَ الله وارن جي برڪت آهي جو انهن جي صدقي الله

---

1...مسند امام احمد ، مسند العشرة المبشرين بالجنة، مسند على بن ابى طالب، جلد:1، صفحه:320، حديث:908۔

2...حلية الاولياء،مقدمة المصنف، جلد:1، صفحه:40، حديث:16۔

پاڪ اسان گنھگارن جي گناھن کي درگذر فرمائي ٿو. اسان جي عملن مطابق نہ، پر پنھنجن ولين جي نيڪ اعمالن جي صدقي دنيا تي ڪرم فرمائي ٿو.

## يڪدم برسات وَسڻ شروع ٿي وئي

اَخْبَارُالْاَخْيار جيڪو برصغير جي تمام وڏي محدث شيخ عبدالحق محدث دھلوي رحمۃُاللہِعلیہ جو لکيل ڪتاب آھي، ان ۾ لکيل آھي تہ: ھڪ ڀيري تمام سخت ڏڪار پيو (يعني برساتون رڪجي ويون). ماڻھن تمام گھڻيون دعائون ڪيون، پر برسات نہ وَسڻي ھئي، نہ وَسِي. آخرڪار ھڪ ڏينھن حضرت نظام الدين رحمۃُاللہِعلیہ پنھنجي ماءُ جي ڪپڙي جو ھڪ ڌاڳو ھٿ ۾ ڪنيو ۽ الله پاڪ جي بارگاھ ۾ عرض ڪيائون: يا الله پاڪ! ھي اُن عورت جي دامن جو ڌاڳو آھي، جنھن تي ڪڏھن ڪنھن نامحرم جي نظر نہ پئي آھي. منھنجا مولا! ان جي صدقي رحمت جي برسات وَساءِ.

اللّٰہُ اکبر! اجان دعا ختم بہ نہ ٿي ھئي تہ يڪدم رحمت جا ڪڪر ڇانئجي ويا ۽ رِم جِھم، رِم جِھم برسات وَسڻ شروع ٿي وئي. (1)

سُبْحٰنَ اللہ! پيارا اسلامي ڀائرو! اِھا آھي الله وارن جي برڪت...! اسان جا اعمال تہ اھڙا آھن جو اسان کي پاڻيءَ جو ھڪ قطرو بہ عطا نہ ڪيو وڃي ھا. اِھا فقط نيڪ ماڻھن جي برڪت آھي جو برساتون بہ وسن ٿيون، رزق بہ اسان کي عطا ڪيو وڃي ٿو ۽ اسان تي رحمتن جو نزول بہ ٿيندو رھي ٿو.

## گھر ۾ پردي جو نظام نافذ ڪريو

پيارا اسلامي ڀائرو! ھن واقعي ۾ ھي بہ غور فرمايو تہ حضرت نظام الدين

1...اخبار الاخيار، ذکر بعض ازنسائے صالحات، صفحہ:294۔

رحمۃُاللہِعلیہ جي والده ڪيتري قدر باپرده ۽ نيڪ عورت هئي، جو متس ڪڏهن ڪنهن نامحرم جي نظر نہ پئي... واھ! سُبْحٰنَ الله!

اڄ سوشل ميڊيا تي پروپيگنڊا (*Propaganda*) ڪيو ويندو آهي تہ پردي ۾ ڇا رکيو آهي؟ آخر پردو ڪرڻو ئي ڇو آهي؟ ڏسو! پردي ۾ ڇا رکيو آهي. سڀ ماڻهو دعائون گهُري رهيا هئا: مولا! برسات وساءِ، مولا! جانور بک مري ويا، مولا! تنهنجا ٻانها تنهنجي رحمت جا محتاج آهن. پر ڪنهن جي دعا تي نظرِ رحمت نہ ٿي رهي هئي.

قربان وڃجي! هڪ باپرده عورت جي دامن جو ڌاڳو ڪٽيو، ان ڌاڳي جو واسطو الله پاڪ جي بارگاھ ۾ پيش ڪيو ويو تہ رحمت کي فوراً جوش اچي ويو ۽ برسات وسڻ شروع ٿي وئي. اِهو رکيل آهي پردي ۾...!! پردي ۾ الله پاڪ جي رضا رکيل آهي، رحمتن جي حقداري رکيل آهي، جنت جي حقداري رکيل آهي. اسان کي گهرجي تہ پنهنجي گهر ۾ پردي جو نظام مضبوط ڪريون.

◈ سؤٽ ◈ ڀقات ◈ ماروٽ ◈ ماسات وغيره جيڪي ڪزنس (*Cousins*) هوندا آهن، انهن سيني کان پردو آهي. اهڙي طرح هر اهو شخص جنهن سان شادي ڪري سگهجي ٿي، ان کان پردو ڪرڻ لازم آهي. اهڙي طرح ڏير ۽ ڀاڄائيءَ جو بہ پردو آهي. ڪاش! اسان پنهنجن گهرن ۾ پردي جو نظام قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهون.

ان جي لاءِ اسان کي پيار ۽ محبت سان ڪوشش ڪرڻي پوندي. جيڪڏهن لڙائي، جهڳڙو ڪنداسين، پيڻ کي دڙڪا ڏينداسين، ماءُ پيءُ سان جهيڙو ڪنداسين تہ پردي جو نظام قائم ٿيڻ تہ پري جي ڳالھ آهي، اُلٽو گناهن جو سلسلو وَڌِي وڃڻ جو سخت خطرو آهي. تنهنڪري پيار ۽ محبت سان نظام

قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو!

## نظرون جهُڪائي رکو...!!

هڪ ٻي ڳالهه عرض ڪريان هڪ ته اسان پنهنجي گهر جي عورتن کي پردي جو عادي بڻايون، حڪمتِ عملي سان نيڪيءَ جي دعوت ڏئي اهو به ڪرڻو آهي ان سان گڏوگڏ پاڻ کي به بي پردگيءَ کان بچائڻو آهي. ڏسو! **اسان جون پنهنجون اکيون ته مڪمل طور تي اسان جي اختيار ۾ آهن نه**. تنهنڪري ياجائي، ڀارن جون ماسيون، مامن، ماسين، ڀُقين ۽ چاچن وغيره جون ڏيئرون گهر ۾ اينديون وينديون آهن، جيڪڏهن انهن جو پردي جو ذهن نه بڻجي رهيو آهي ته گهٽ ۾ گهٽ اسان ايترو ته ڪري ئي سگهون ٿا نه ته اسان انهن جي سامهون اچڻ کان پاسو ڪريون، جيڪڏهن ڪڏهن سامهون اچي به وڃن ته نظرون جهڪائي ڇڏيون، انهن ڏانهن ڏسڻ کان بچون، جيڪڏهن اسان گهر ۾ نامحرم عورتن جي سامهون نگاهون جهڪائي رکڻ جي عادت بڻائي ڇڏيون، انهن سان ڪلندي ڪلندي ڳالهائڻ کان بچي وڃون ته يقين ڪريو! اسان جي انهيءَ ئي هڪ نيڪ عمل جي برڪت سان اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيْم! گهر ۾ پردي جو نظام قائم ٿي سگهي ٿو. الله پاڪ اسان کي توفيق عطا فرمائي. ڪاش! اسان انهن نيڪين کي اپنائڻ وارا بڻجي وڃون. اٰمِيْنْ بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## الله وارا نجات ڏياريندا

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ته دنياوي لحاظ کان نيڪ ماڻهن ۽ الله وارن جي برڪتن جو بيان هو، هاڻي ٻڌو ته آخرت ۾ انهن جون ڪهڙيون ڪهڙيون برڪتون هونديون؟ بخاري شريف ۾ حديث پاڪ آهي، رسولِ ذيشان، مڪي

**مدني سلطان** صلَّی اللہُ علیہِ وَ آلِہٖ وَسلَّم **فرمايو:** قيامت جي ڏينهن گنهگارن کي جهنم ۾ داخل ڪيو ويندو. هاڻي نيڪ ماڻهو، جن جي بخشش ٿي چڪي هوندي، اهي الله پاڪ جي بارگاهه ۾ عرض ڪندا: اي الله پاڪ!

اِخْوَانُنَا كَانُوْا يُصَلُّوْنَ مَعَنَا وَيَصُوْمُوْنَ مَعَنَا وَيَعْمَلُوْنَ مَعَنَا

**ترجمو:** هي اسان جا ڀائر آهن، اِهي اسان سان گڏ نمازون پڙهندا هئا، اسان سان گڏ روزا رکندا هئا، اسان سان گڏجي نيڪ عمل ڪندا هئا. الله پاڪ فرمائيندو:

اِذْهَبُوْا!

يعني جهنم جي اندر وڃو!

فَمَنْ وَّجَدْتُّمْ فِيْ قَلْبِهٖ مِثْقَالَ دِيْنَارٍ مِّنْ اِيْمَانٍ فَاَخْرِجُوْهُ

**ترجمو:** پوءِ جنهن جي دل ۾ دينار جي برابر به ايمان ڏسو! ان کي جهنم مان ڪڍي ٻاهر وٺي اچو!

محبوبِ ذيشان صلَّی اللہُ علیہِ وَ آلِہٖ وَسلَّم فرمايو: انهن بخشيل ماڻهن تي جهنم جي باهه حرام ڪئي ويندي، اهي جهنم جي اندر ويندا ۽ جن جن کي سڃاڻيندا هوندا، انهن کي ڪڍي ٻاهر وٺي ايندا. (1)

سُبْحٰنَ الله! اِها آهي الله وارن سان دل لڳائڻ جي برڪت...!! پنهنجين دلين ۾ الله وارن جي محبت سمائي ڇڏيو، دلين جو رخ الله وارن ڏانهن ڪري ڇڏيو، پاڻ کي انهن سان مانوس ڪري ڇڏيو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هيءُ اُها نسبت آهي،

---

1...بخاری، کتاب التوحید، باب قول اللہ تعالی وجوہ یومئذ ناضرۃ...الخ، صفحہ:1795، حدیث:7439 خلاصۃً۔

جيڪا قيامت جي ڏينهن بہ ضرور ڪم ايندي.

مُرِيدِیْ لَاتَخَفْ فرماتے آؤ
بَلاؤں میں ہے یہ ناشاد یا غوث!

اندھیری رات، جنگل میں اکیلا
مدد کا وقت ہے فریاد یا غوث!

حسنؔ منگتا ہے دے دے بھیک داتا
رہے یہ راج پاٹ آباد یا غوث!(1)

## قادري غوثِ اعظم جو ديدار ڪري وٺو

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ روايت ٻڌي تي سگهي ٿو ڪنهن جي دل ۾ حسرت پيدا ٿي رهي هجي تہ آهہ! مون تہ غوثِ پاڪ، داتا حضور، خواجہ اجمير، اعليٰ حضرت رحمۃُاللہِعلیہم وغيره جو تہ زمانو ئي نہ ماڻيو، انهن سان گڏ نمازون پڙهڻ جي سعادت ئي نصيب نہ ٿي، هاڻي منهنجو ڇا ٿيندو...؟

پنهنجي دل کي تسلي ڏيو! الله وارن جون برڪتون محدود نہ آهن. هڪ ٻي حديثِ پاڪ ٻڌو! صحابيءِ رسول حضرت ابوهريره رَضِیَ اللہُ عنہ کان روايت آهي، رسولن جي سردار، مڪي مدني تاجدار صلَّی اللہُ علیہِ وَآلِہٖ وَسلَّم فرمايو: ٻہ ماڻهو هجن، انهن مان هڪ اوڀر (*East*) ۾ رهندو هجي، ٻيو اولهہ (*West*)۾ رهندو هجي (يعني ٻنهي جي وچ ۾ تمام گهڻو فاصلو هجي، هڪ دنيا جي هڪ ڪنڊ تي هجي، ٻيو دنيا جي ٻي ڪنڊ تي هجي، ٻنهي هڪ ٻئي کي ڏٺو بہ نہ هجي، سندن پاڻ ۾ ملاقات بہ نہ ٿي هجي، سندن پاڻ ۾ ڳالهہ ٻولهہ بہ نہ ٿي هجي، بس ٻڌو هجي تہ فلاڻي جاءِ تي هڪ ماڻهو رهندو آهي، وڏو نيڪ آهي، پرهيزگار آهي، الله پاڪ جي عبادت ڪندو آهي، بس انهيءَ بنياد تي) اهي پاڻ ۾ صرف ۽ صرف الله پاڪ جي رضا لاءِ محبت ڪندا هجن. فرمايائون: جڏهن قيامت

1...ذوقِ نعت، صفحہ:112و 113 ملتقطًا.

جو ڏينهن ايندو ته الله پاڪ انهن ٻنهي کي هڪ هنڌ گڏ فرمائيندو ۽ جيڪو محبت ڪرڻ وارو هوندو، ان کي چيو ويندو: هَذَا الَّذِی کُنْتَ تُحِبُّهٗ فِیَّ يعني هي آهي اُهو ماڻهو، جنهن سان تون الله پاڪ جي رضا لاءِ محبت ڪندو هئين. (1)

اللهُ اکبر! ڇا ته شان آهي...!! ◈ اسان غوثِ پاڪ رحمۃُاللہِعلیہ جي زيارت نه ڪئي، اِها اسان جي محرومي آهي ◈ اسان داتا حضور رحمۃُاللہِعلیہ جي مجلس ۾ حاضر ٿي انهن جون ڳالهيون نه ٻڌيون، اِها اسان جي محرومي آهي ◈ اسان خواجه حضور ۽ سيدي اعليٰ حضرت رَحمۃُاللہِعلیہم جو زمانو نه ڏٺو، اِها اسان جي محرومي آهي، پر الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان اسان انهن سان محبت ڪندا آهيون، اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِیْم! قيامت جي ڏينهن اسان کي انهن اولياءِ ڪرام جي خدمت ۾ حاضر ڪري چيو ويندو: هي آهن اُهي اولياءِ ڪرام آهن، جن سان توهان محبت ڪندا هئا.

نِدادے گا مُنادِی حشر میں یُوں قادریوں کو
کِدھر ہیں قادری کرلیں نظارہ غوثِ اعظم کا
فرشتو روکتے کیوں ہو مجھے جنّت میں جانے سے
یہ دیکھو ہاتھ میں دامن ہے کس کا غوثِ اعظم کا (2)

سُبْحٰنَ الله! الله پاڪ اسان کي نيڪ ماڻهن ۽ الله وارن سان محبت ڪندو رهڻ جي توفيق نصيب فرمائي. ڪاش! اِها محبت اسان جي دلين ۾ اهڙي طرح راسخ ٿي وڃي، جو جيڪڏهن ڪو ان کي ڇڪي ڇڪي ٻاهر ڪڍي تڏهن به

1... شُعَبُ الايمان،باب فی مقاربة و موادة اہل الدین،جلد:6،صفحہ:492، حديث:9022۔
2...قبالۂ بخشش،صفحہ:99۔

هرگز نہ نڪري. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قافلي ۾ سفر جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحمدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ سکڻ سيکارڻ جو جذبو ڏنو ويندو آهي، اسلامي ڀائر هن مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ قافلن ۾ سفر ڪندا رهندا آهن، سکڻ سيکارڻ جي جذبي سان گڏوگڏ قافلن ۾ الله وارن جو فيضان ملندو آهي، عبادت جو جذبو وڌندو آهي، نيڪ نمازي بڻجڻ جو ذهن بڻجندو آهي.

اوهان کي گذارش آهي تہ اوهان بہ قافلي ۾ سفر ڪندا ڪريو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! تمام گهڻيون برڪتون حاصل ٿينديون ◈ قافلي ۾ فرض علمِ دين سيکاريو ويندو آهي ◈ سنتون سيکاريون وينديون آهن ◈ تهجد پڙهڻ جي سعادت ملندي آهي ◈ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي ◈ قافلي جي برڪت سان دعائون قبول ٿيڻ ◈ مشڪلاتون دور ٿيڻ ◈ ۽ بيمارين کان شفا ملڻ جا بہ سوين واقعا آهن ◈ ائين بہ ٿيو آهي تہ قافلي ۾ سفر ڪرڻ وارن عاشقانِ رسول جي همت افزائيءَ لاءِ پيارا آقا، مکي مدني مصطفيٰ صلَّى الله عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم ڪرم فرمائي، خواب ۾ تشريف ڪٺي آيا ۽ شُرڪاءِ قافلا کي پنهنجي ديدار جو جام پياريائون.

اسان قافلي ۾ سفر ڪريون، ڪهڙي خبر اسان تي بہ ڪرم ٿي وڃي. گهٽ

۾ گهٽ هر مهيني 3 ڏينهن جي قافلي ۾ سفر جي نيت ڪري ونو! بلڪ بهتر ٿيندو تہ هن وقت ئي نيت لکرائي ڇڏيو! اچو تہ ترغيب لاءِ اوهان کي هڪ مدني بهار ٻڌايان:

## اکيون روشن ٿي ويون

حيدرآباد (پاڪستان) ۾ دعوتِ اسلامي جي مبلغ هڪ نوجوان کي قافلي جي دعوت پيش ڪئي، جنهن تي هو ڪاوڙجي چوڻ لڳو، توهان ماڻهو ڪنهن جي پريشانيءَ جو بہ خيال ڪندا ڪريو، منهنجي والده جي اکين جو آپريشن ڊاڪٽرن غلط ڪري ڇڏيو آهي، جنهن جي ڪري انهن جي نظر ختم ٿي وئي آهي، اسان کي ايڏي وڏي پريشاني آهي ۽ اوهان چئي رهيا آهيو تہ قافلي ۾ سفر ڪريو. مبلغ اسلامي ڀاءُ همدرداڻي انداز ۾ دعا ڏيندي چيو: الله پاڪ! اوهان جي والده کي شفا عطا فرمائي. ڊاڪٽر ڇا چئي رهيا آهن؟ هو چوڻ لڳو، ڊاڪٽر چون ٿا تہ هاڻي آمريڪا وني ويندؤ تڏهن بہ علاج ممڪن نہ آهي. هي الفاظ چوندي سندس آواز پرجي آيو. مبلغ وڏي محبت سان سندس پُٺِي ٿپيندي تسليءَ واري لهجي ۾ چيو: ڀاءُ! ڊاڪٽرن جواب ڏئي ڇڏيو آهي تہ ان تي مايوس ٿيڻ جي ضرورت ناهي. جو ٿا ٿيو، الله پاڪ شفا عطا فرمائڻ وارو آهي، مسافر جي دعا الله پاڪ قبول فرمائيندو آهي. اوهان قافلي ۾ سفر ڪريو ۽ ان دوران والده جي لاءِ دعا بہ گهُرو. مبلغ اسلامي ڀاءُ جي دلجوئيءَ واري گفتگوءَ جي نتيجي ۾ غمگين نوجوان قافلي ۾ سفر ڪيو، سفر دوران والده جي لاءِ خوب دعائون گهريائين. جڏهن گهر واپس موٽيو تہ اهو ڏسي سندس خوشيءَ جي انتها نہ رهي تہ قافلي جي برڪت سان سندس والده جي اکين جو نور واپس اچي چڪو هو.

لُوٹنے رَحمتیں قافلے میں چلو
سیکھنے سُنّتیں قافلے میں چلو
چشمِ بینا ملے سُکھ سے جینا ملے
پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## صِرَاطُ الجِنان ايپلي ڪيشن جو تعارف

اي عاشقانِ رسول! الحمدلله! دعوتِ اسلامي اسان کي جديد ٽيڪنالاجيءَ جي ذريعي بہ علمِ دين سکڻ ۽ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪري ٿي. دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ طرفان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي ***Sirat ul Jinan Quran & Tafsir*** (صِرَاطُ الجِنان قرآن اينڊ تفسير). هن ايپلي ڪيشن ۾ ◈ مڪمل قرآن ڪريم ◈ اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت، شاهہ امام احمد رضا خان رحمۃُاللہِعلیہ جو لکيل ترجموڪنزالايمان ◈ آسان ترجمو، ترجمۀ ڪنز العرفان ۽ ◈ آسان انداز ۾ لکيل تفسير صِرَاطُ الجِنان شامل آهي. ◈ قرآن ڪريم، ترجمو ۽ تفسير آڊيو ۾ بہ ٻڌي سگهو ٿا ◈ عام طور روزانو تلاوت ڪيون وڃڻ وارين سورتن کي الڳ سان هڪ هنڌ گڏ ڪيو ويو آهي ◈ مدني چينل تي هلڻ وارا تفسيرِ قرآن ۽ مختلف قرآني پروگرام بہ هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي آسانيءَ سان ڏسي سگهجن ٿا ◈ وڌيڪ هي تہ قرآني آيتون، ترجمو ۽ تفسير واٽس ايپ (***Whats App***)، فيس بُڪ (***Facebook***) وغيره تي پنهنجن دوستن سان شيئر بہ ڪري سگهو ٿا. هن ايپلي ڪيشن کي پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري ڇڏيو، علمِ دين سکو ۽ ٻين تائين پهچائي نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب ڪمايو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪجهہ ضروري اعلانات

◈ پيارا اسلامي ڀائرو! ربيع الآخر جي ٻارهن مدني مذاڪرن جو سلسلو جاري

آهي، جيڪو اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم! يارهين ربيع الآخر تائين جاري رهندو. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هنن مدني مذاڪرن ۾ پاڻ به شرڪت فرمائين ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏين. ◈ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت يا خليفهءِ اميرِ اهلسنت هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ **بي ادبيءَ جي سزا** (آڊيو بيان) رسالي جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو! ٻين کي به ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا، مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، اُهي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ هي رسالو ٻين سان به شيئر(*Share*) ڪريو! ◈ مڪتبةُ المدينه پيش ڪري رهيو آهي اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس عطّار قادري دامَت بَرَكَاتُهمُ العالِيه جي قلم سان لکيل غوثِ پاڪ رحمةُاللهِ عليه جي سيرتِ مبارڪ سان لاڳاپيل 3 رسالا **(1):** جنن جو بادشاهه **(2):** مُني جو لاش **(3):** نانگ نما جن. غوثِ پاڪ رحمةُاللهِ عليه جي سيرتِ مبارڪ بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ تنهي رسالن جو مطالعو فرمايو. رسالو جنن جو بادشاهه **20 روپين ۾**، مُني جو لاش **26 روپين ۾** ۽ نانگ نما جن **33 روپين ۾** مڪتبةُ المدينه جي ڪنهن به شاخ تان خريد فرمايو.

## اعلانِ براءِ اخلاقِ مصطفيٰ ڪورس

پيارا اسلامي ڀائرو! سورت اَحزاب، آيت نمبر 21 ۾ ار شاد ٿئي ٿو:

لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ

ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ توهان جي لاءِ الله جي رسول ۾ بهترين نمونو موجود آهي.

دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون سنتون عام ڪرڻ سان گڏوگڏ، اَلحمدُلله! سيرتِ مصطفيٰ جون برڪتون حاصل ڪرڻ جي به سوچ ڏني ويندي آهي. اَلحمدُلله! سڄي پاڪستان ۾ مختلف هنڌن تي سيرتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان تعلق رکندڙ ”اخلاقِ مصطفيٰ ڪورس“ ڪرائڻ جو سلسلو جاري آهي.

**هن ڪورس ۾ اوهان سکي سگهندا:** ◈خلق ڪنهن کي چئبو آهي؟ ◈اخلاقِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو تعارف ◈نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عاجزي ۽ انڪساري، ۽ ٻيو به گهڻو ڪجهه. هن ڪورس ۾ داخلا وٺڻ ۽ وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ هن آفيشل نمبر تي رابطو ڪريو.

**0311-1021226**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اجتماعِ غوثيه جو اعلان

اي عاشقانِ غوثِ اعظم! ربيع الآخر شريف جو مهينو جاري آهي، هونئن ته عاشقانِ غوثِ اعظم سڄو سال ئي يارهين شريف جو اهتمام ڪندا آهن ۽ ان جو ثواب بارگاهِ غوثيت ۾ پيش ڪندا رهندا آهن، البت ربيع الآخر شريف ۾ چوته وڏي يارهين شريف ۽ حضور غوثِ پاڪ جو عرسِ پاڪ ٿيندو آهي، ان ڪري ان جو وڌيڪ اهتمام ڪيو ويندو آهي.

الحمدُلله! دعوتِ اسلامي جي تحت ڪيترن ئي هنڌن تي حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عرسِ پاڪ جي سلسلي ۾ اجتماعاتِ غوثيه منعقد ڪيا ويندا آهن.

تمام اسلامي ڀائرن کي گذارش آهي تہ پنهنجي علائقي ۾ ٿيندڙ اجتماعِ غوثيہ ۾ ڀرپور شرڪت فرمايو ۽ ٻين کي بہ دعوت ڏيو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اِيصالِ ثواب جا مدني گُلَ

پيارا اسلامي ڀائرو! وڏي يارهين شريف تشريف کڻي اچي رهي آهي، عاشقانِ غوثِ اعظم ڀرپور انداز ۾ يارهين شريف تي نياز جو اهتمام ڪندا آهن. ياد رکو! يارهين شريف بہ ايصالِ ثواب جي ئي هڪ صورت آهي، اچو تہ اوهان کي ايصالِ ثواب جا ڪجهہ مدني گل عرض ڪريان: حديث پاڪ ۾ آهي: پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ علیہِ وَآلِہٖ وَسلَّم 2 ڳهَٽا ذبح فرمايا، هڪ جو ثواب سڄي امت کي پهچايائون ۽ هڪ پنهنجي ۽ پنهنجي اهلِ بيت لاءِ ذبح فرمايائون. (1)

صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عنهم جي مبارڪ دور ۾ ايصالِ ثواب جا مختلف طريقا رائج هئا، مثلاً ◈ هِي حضرات ميت جي طرفان ستن ڏينهن تائين کاڌو کارائيندا هئا. (2) ◈ فوت ٿيڻ واري شخص جي قبر تي قرآن ڪريم جي تلاوت ڪندا هئا. (3) ◈ حضرت امام حسن ۽ امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عنهما پنهنجي والدِ محترم يعني حضرت موليٰ علي، شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ عنه جي ايصالِ ثواب لاءِ غلام آزاد ڪندا هئا. (4) ◈ حضرت سعد رَضِیَ اللّٰہُ عنه پنهنجي والده جي وفات کان پوءِ سندن ايصالِ ثواب لاءِ پاڻيءَ جو کوهہ کوٽايو. (5)

---

1...ابن ماجہ، کتاب الاضاحی، باب اضاحی رسول اللہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم، صفحہ:509، حدیث:3222۔
2... الحاوی للفتاویٰ، طلوع الثریا باظہار ماکان خفیا، صفحہ:591۔
3... شرح الصدور، باب فی قراءۃ القرآن للمیت...الخ، صفحہ:218۔
4... مصنف ابن ابی شیبۃ، کتاب الجنائز، باب ما یتبع المیت بعد موتہ، جلد:3، صفحہ:262، حدیث:12۔
5... ابو داود، کتاب الزکاۃ، باب فی فضل سقی الماء، صفحہ:274، حدیث:1681مختصراً۔

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت مولانا الياس عطار قادري دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العاليه لکن ٿا: (1): ايصالِ ثواب جي لفظي معنيٰ آهي: **ثواب پهچائڻ**، ان کي **ثواب بخشڻ** به چوندا آهن، پر بزرگن جي لاءِ **ثواب بخشڻ** چوڻ مناسب نہ آهي، **ثواب نذر ڪرڻ** چوڻ ادب جي وڌيڪ ويجهو آهي(2): ◈ فرض ◈ واجب ◈ سنت ◈ نفل ◈ نماز ◈ روزو ◈ زڪوات ◈ حج ◈ تلاوت ◈ نعت شريف ◈ ذِڪرُ الله ◈ درود شريف ◈ بيان ◈ درس ◈ قافلي ۾ سفر ◈ علائقائي دورو ◈ ديني ڪتاب جو مطالعو ◈ نيڪيءَ جي دعوت وغيره، هر نيڪ ڪم جو ايصالِ ثواب ڪري سگهجي ٿو. (3): انبياء ۽ مرسلين عليهم السلام ۽ مسلمان جنن کي بہ ايصالِ ثواب ڪري سگهجي ٿو. (4): يارهين شريف ۽ رجبي شريف (يعني 15 رجب شريف تي امام جعفر صادق رحمۃُاللهِعليه کي ثواب نذر ڪرڻ لاءِ ڪوندا ڪرڻ) وغيره جائز آهي. (5): اولياءِ ڪرام رَحمۃُاللهعليهم جي فاتحہ جي کاڌي کي تعظيماً **نذرءِ نياز** چوندا آهن، اِهو جائز آهي، ان کي امير ۽ غريب سڀ کائي سگهن ٿا. (6): نياز ۽ ايصالِ ثواب جي کاڌي تي فاتحہ پڙهائڻ لاءِ ڪنهن کي گهرائڻ يا ٻاهرين مهمان کي کارائڻ شرط نہ آهي، گهر جا ماڻهو جيڪڏهن پاڻ ئي فاتحہ پڙهي کائي ڇڏين تڏهن بہ ڪو حرج نہ آهي. (7)روزانو جيترا ڀيرا بہ کاڌو کائو، حسبِ حال سٺين سٺين نيتن سان کائو، ان ۾ جيڪڏهن ڪنهن نہ ڪنهن بزرگ جي ايصالِ ثواب جي نيت ڪري ونو تہ تمام سٺو آهي. مثال طور ◈ ناشتي ۾ نيت ڪريو تہ اڄ جي ناشتي جو ثواب سرڪارِ مدينہ صلَّى اللهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم ۽ انهن جي وسيلي سڀني انبياءِ ڪرام عليهم السلام کي پهچي ◈ منجهند جو نيت ڪريو تہ هاڻي جيڪو کاڌو کائيندا سين (يا کاڌو آهي) ان جو ثواب سرڪارِ غوثِ اعظم ۽ سڀني اولياءِ ڪرام رَحمۃُاللهعليهم کي پهچي ◈ رات جو نيت ڪريو تہ هاڻي جيڪو کائيندا سين ان جو ثواب اعليٰ حضرت امامِ اهلسنت امام احمد رضا خان رحمۃُاللهِعليه ۽ هر مسلمان مرد

۾ عورت کي پهچي يا هر پيري سيني کي ايصالِ ثواب ڪيو وڃي ۾ اهو ئي اَنسب (يعني وڌيڪ مناسب) آهي. ياد رکو! ايصالِ ثواب صرف ان صورت ۾ ٿي سگهندو، جڏهن اُهو ڪاڌو ڪنهن سٺي نيت سان ڪاڌو وڃي، مثال طور عبادت تي قوت حاصل ڪرڻ جي نيت سان ڪاڌو ته اهو ڪائڻ ثواب وارو ڪم ٿيو ۽ ان جو ايصالِ ثواب ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن هڪ به سٺي نيت نه هجي ته ڪاڌو ڪائڻ مباح آهي، يعني ان تي نه ثواب آهي نه گناهه. پوءِ جڏهن ثواب ئي نه مليو ته ايصالِ ثواب ڪهڙو! پر جيڪڏهن ٻين کي ثواب جي نيت سان کارايو هجي ته ان کارائڻ جو ثواب ايصال ڪري سگهجي ٿو. **(8):** جيڪڏهن ممڪن هجي ته هر روز (نفعي تي نه، پر) پنهنجي وِڪري (***Sale***) جو چوٿائي سيڪڙو (يعني چار سؤ رپين تي هڪ رپيو) ۾ ملازمت ڪرڻ وارا پنهنجي ماهوار پگهار جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ سيڪڙو سرڪارِ غوثِ اعظم رَحمةُ اللهِ عَلَيْه جي نياز لاءِ ڪيندا ڪريو، ايصالِ ثواب جي نيت سان ان رقم مان ديني ڪتاب خريد ڪري ورهايو يا ڪنهن به نيڪ ڪم ۾ خرچ ڪريو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان جون برڪتون پاڻ ئي ڏسي وٺندؤ. **(9):** مسجد يا مدرسو تعمير ڪرائڻ صدقهءِ جاريه ۾ ايصالِ ثواب جو بهترين ذريعو آهن. (1)

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... فاتحه اور ايصال ثواب کا طريقه، صفحه:12-18 ملتقطاً۔